SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 2001

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس X مجريه 2000 جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance No.X of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 2001

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[6 جون، 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جيڪا هن طرح هوندي؛

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 جي هنگامي حالتن واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ٿيل 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 جي آرٽيڪل 3(2) تحت صوبي جي گورنر کي چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي؛

۽ جيئن تہ 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9 جي آرٽيڪل 4 تحت، صوبي جو

گورنر چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي آرڊيننس جاري ۽ نافذ ڪري سگهي ٿو.

۽ جيئن ته مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جو نمبر 8) تحت، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان چيف اليڪشن ڪمشنر کي صوبي ۾ مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ جو اختيار ڏنو آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن اهي ته موجوده صورتحال ۾ فوري قدم ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اختيارن ۽ ڪيس سونپيل ٻين سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ترميم) آرڊيننس، مجريه 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس X مجريه 2000 جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance No.X of 2000

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 جي دفعه 3 جي آخر ۾ فل اسٽاپ کانپوءِ هيٺين ڄاڻايل وضاحت کي شامل ڪيو ويندو.

وضاحت:ـ

هن دفعه جي مقصدن جي حاصلات لاءِ، آفيس جي هولڊر مان

مراد اهڙو شخص آهي، جنهن هن آرڊيننس جي مطابق ٿاهيل قانون جي تحت حلف کنيو هجي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**